ڊاڪٽر بشير چانڊيو (فياض لطيف)

# شيخ اياز جي دوهن ۾ فڪري ۽ موضوعاتي وسعت ـ تحقيقي تنقيدي اڀياس


## *Abstract:*

**Vastness of Thought and Subject in `Dohas` of Shaikh Ayaz: A Research-based and Critical Study**

*'Doho' is a form of poetry to express inner feelings and emotions. It has a limited pattern which allows very little margin to innovate and include complicated thoughts and philosophical ideas. Looking at the developing phase of Doho we know that right from its earlier period to the classical age its subjects have been religious, romantic, peaceful, reformative and spiritual.*

*Shaikh Ayaz has not only tried to innovate its pattern but also widened its aesthetic and subjective canvas. No doubt, Ayaz's Doho has made people both sad and satisfied. Basically, Doho is the by-product of colorful and juicy aspect of Hindi language. Its diction has been natural; its accent has been soft and it has always been refreshing and rhythmic. These qualities are also found in Ayaz's Dohas.*

*Ayaz, in his Dohas, has used similes and metaphors according to his own atmosphere and temperament that is why it is rich in natural beauty and enticing music. Ayaz's Doho is balanced in terms of thought and art. It represents sublime harmony of notions and symphony of sounds. His Doho is a unique example of spontaneity of thought and polished skill. His subjects in Dohas are multidimensional, including romance, nature, spirituality, history, philosophy, psychology, aesthetics, resistance, revolution, patriotism, pain, pleasure, gloom, love, hope, humanitarianism, progress, awareness and peace etc.*

*In this article, Ayaz's `Dohas` have been studied focusing on his innovative qualities and subjective range.*


**Key words:** *aesthetics, reformative, resistance, revolution, spontaneity.*





**دوهو** دراصل محدود سٽاءَ جي صنف آهي، جنهن ۾ نہ فقط فني تجربن جي گنجائش تمام گهٽ ٿيندي آهي، پر ان ۾ ڳوڙهن نظرياتي فڪرن ۽ فلسفن ڪي سمائڻ بہ ڪنهن حد تائين مشڪل هوندو آهي، ڇو تہ دوهي جي هيئت گل وانگر انتهائي نفيس ۽ نرم ٿئي ٿي، جنهن ڪي ٿوري بي احتياطي ۽ هٿ ـ ڇوهائي گهڻو ڇِيهو رَسائي سگهي ٿي. جهڙيءَ ريت هائيڪو محاڪات ۽ منظرنگاريءَ جي صنف آهي، اهڙيءَ ريت دوهو گهڻو ڪري دِلي ڪيفيتن ۽ داخلي وارتائن جي اظهار جي شيءِ آهي. حقيقت ۾ دوهو لوهارڪو نہ، پر سونارڪو وَکر آهي، اُنهيءَ ڪري اُن جو مزاج سخت بدران مُلائم ۽ موهيندڙ آهي.

دوهي جي ارتقائي اتهاس تي مطالعاتي نظر وجهڻ ڪان پوءِ سُڌ پوي ٿي تہ، دوهي جا اوائل ڪان وٺي ڪلاسيڪل دؤر تائين موضوع اڪثر ڪري ڌرمي، رومانوي، رجزيہ، اصلاحي ۽ روحاني رهيا آهن. شيخ اياز جديد دوهي ۾، نہ صرف فني لحاظ ڪان ڪيئي تجربا ڪيا آهن، پر هُن اُن ڪي فڪري، موضوعي ۽ جمالياتي حوالي سان پڻ وڏي وسعت بخشي آهي.

اياز پاڻ اُن حوالي سان لکي ٿو: ”منهنجي دوهي...جو موضوع ڪلاسيڪي دوهي...ڪان زياده وسيع آهي. ڪوئي بہ دوهو...ڪنهن بہ هندي يا اردو دوهي...جي تقليد نہ آهي، جيتوڻيڪ مون اُنهن جي مخصوص مزاج برقرار رکڻ ۽ هندي آميز زبان سان اُنهن جي مخصوص ڪيفيت پيدا ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي.“(۱)

شيخ اياز دوهي جي اهميت ۽ نفاست جي حوالي سان پنهنجي هڪ خط ۾ محمد ابراهيم جويي کي لکي ٿو: ”منهنجي خيال ۾ دوهو سنڌي شاعريءَ جي سڀ ڪان جهوني صنفِ سخن آهي... دوهي ۾ هِن براعظم جي قديم تهذيب جون ساريون رَعنائيون موجود آهن ۽ اُن ۾ جا موسيقي آهي، سا هند و پاڪ جي ٻئي شاعريءَ ۾ شايد ملي. دوهي ۽ بيت ڪي سنڌي شاعريءَ ۾ پنهنجي مخصوص جاءِ ڏئي، اسين سنڌي شاعريءَ ۾ نئين زندگي پيدا ڪري سگهنداسي...دوها لکندي مان جهڙي سخت جان ماڻهوءَ جون اکيون بہ ڪيترا ڀيرا ڀرجي آيون آهن.“(۲)

دوهي جي هڪ وڏي خاصيت اُن جو درد ۽ گداز آهي، جيڪو ٻُڌندڙن توڙي پڙهندڙن جي دلين تي تمام گهڻو اثر انداز ٿي، اُنهن کي هڪ ئي وقت سُور ۽ سُرور جي

ڪيفيتن جي ساگر ۾ ٻوڙي ۽ اُپٽي ٿو. يقينن اياز جي دوهن ۾ موجود درد پري رمزن ۽ پيار پري رعنائين سندس ڪيترن ئي پڙهندڙن کي رُوئاري رِيجهايو به آهي ته، رِيجهائي رُوئاريو به آهي.

دوهو بنيادي طرح هندي زبان جي رَسُ ۽ رَنگينيءَ جي پيداوار آهي. اُن جا لفظ سِيتل، لهجو ڌيمو، تاثر تازگيءَ ڀريو ۽ ترنم روح ۾ لهرون پيدا ڪري ڇڏيندڙ هوندو آهي ۽ دوهي جو ساڳيو اهو رنگ ۽ روح، اياز وٽ پڻ ملي ٿو. هُن جي اڪثر دوهن ۾ نه رڳو 'پيتل من، سيتل آڪاس، چندر ۽ چاهت، امرت رَس، سُندر روپ، ڳچيءَ ۾ گورين ٻانهن ۽ قدرتي نظارن جي ڪهڪشائن جا من کي مَسرور ڪندڙ ۽ دک کي موهيندڙ منظر مِلن ٿا، پر اهو سمورو مانداڻ، هُو جنهن ملائم لهجي ۽ مترنم ٻولن ۾ سِرجي ٿو، اُنهن جي گونج پڻ سماعتن ۾ ٻُرندي محسوس ٿئي ٿي.

شيخ اياز پنهنجن دوهن ۾، ترڪيبون، تشبيهون، استعارا ۽ لفظ پڻ موضوع ۽ ماحول جي مزاج موافق استعمال ڪيا آهن. اُنهيءَ ڪري سندس دوهن ۾، 'فطري گُداز ۽ غَنائيت' ٻئي موهيندڙ ۽ متاثر ڪندڙ انداز ۾ مِلن ٿا.

هيءَ چانڊوڪي، هي پيتل من، هي سيتل آڪاسُ،
اَمرت - رس تي ويو آ ڇڻ تنهنجو منهنجو ماسُ.

***

تنهنجو سُندر روپ اُنهيءَ تي چوڏهينءَ چنڊ ڇٽاءُ،
منهنجي من ۾ ڪيپُ، نديءَ جو هيجَ - هندورو واءُ.

***

آهه ڳچيءَ ۾ منهنجي، گوري تنهنجي گوري ٻانهن،
ننڊ پئي آ چانڊوڪيءَ ۾، منهنجي من جي دانهن.(٣)

شيخ اياز جي دوهن جي هڪ وڏي خوبي اُها به آهي ته، اُنهن ۾ ڪمال جو فني ۽ فڪري توازن ملي ٿو. اياز وٽ خيال ۽ ترنم جو سهڻو سنگم آهي، جنهن جي هم آهنگ ۽ متوازن ستاءَ سان ئي هُو پنهنجن تخليقن کي سُهڻو ۽ سگهارو بڻائي ٿو. عام طرح سندس سموري شعر ۽ خاص ڪري سندس دوهن ۾، خيال جي بي ساختگي ۽ فڪر جي ڪمال گهرائي نظر اچي ٿي. سندس هِينئين دوهي ۾، احساس جي نُدرت ۽





خيال جي حيران ڪري ڇڏيندڙ هيءَ حُسناڪي ڏسو:

هاءِ، ٻُڪيون، اَڌ ننگيون نياڻيون، تن جي لَڄ لِڪاءِ،
آءُ هوا، هِن پونگيءَ ۾، ڏيئي جي وَٽِ وِساءِ.(٤)

عام طرح سان ڏيئي جي ٻَرڻ ۽ روشن هجڻ جي سچائي ڏاڍي سونهندڙ ۽ سياويڪ لڳندي آهي. ڏيئو روشني ۽ زندگيءَ جي علامت آهي ۽ اُن کي جيڪڏهن ڪو هوا جو جهوٽو وِسائڻ جي ڪوشش ڪندو آهي ته، اُهو سُئو نه لڳندو آهي، پر مٿين دوهي ۾ اياز 'هوا' کي پُونگيءَ ۾ ٻَرندڙ ڏِيئي کي اُجهائڻ لاءِ ۽ اوندهه ڪرڻ لاءِ پاڻ پُڪاري ٿو، ليلائي ۽ وِينتي ڪري ٿو ته، جهوپڙيءَ ۾ ٻَرندڙ ڏيئي کي اچي اُجهائي، جو ته اُها روشني مسڪين، ٻُکي ۽ اَڌ ننگي نينگرين جي اوگهڙ عيان ڪري رهي آهي. 'اوندهه'، جنهن جو اياز هر لحاظ کان ازلي مخالف ۽ مُنحرِفُ رهيو آهي، هِن پسمنظر ۾ هُو انهيءَ اوندهه، جيڪا يتيم، مسڪين ۽ لاوارث نينگرين جو اَجهو ۽ اوڇڻ بڻجي ٿي، اُنهن کي ڍَڪُ ۽ پناهه آڇي ٿي، اُنهيءَ کي هُو اُن ڪري پسند ڪري ٿو، جو ته اها اوندهه انهن اڌ اگهاڙي مسڪين نياڻين جو لباس بڻجي ٿي. هتي اياز 'اوندهه' جو هڪ مثبت ۽ انتهائي نئون ۽ نرالو رُخ ڪڍي آيو آهي، جيڪو احساساتي توڙي تخيلي لحاظ کان متاثر ڪندڙ محسوس ٿئي ٿو.

ساڳيءَ ريت سندس هينئين ٻن دوهن ۾ اُڇوتي احساس، نئين حِسيت، نِرمل خيال، گهري فڪرِ ۽ انوکي درد جي جمال جي خوبي ۽ خوبصورتي پَسي سگهجي ٿي.

پاٽيءَ ۾ پاريهرَ وِهنجي، ڪِنڌري پنهنجي ڪينءَ،
اُن کي ڏسندي منهنجي من جي مونجهه لهي وئي ڪيئن!

***

وڻ وڻ کي مون پاڪي پائي، ڇيو ته، منهنجا پاءُ!
پهتو منهنجي من ۾، تنهنجي پَن پَن جو پَڙلاءُ.(٥)

مٿين دوهن مان پهرين دوهي ۾ هڪ خوشگوار ۽ موهيندڙ منظر آهي، جنهن ۾ پاريهر پاٽيءَ ۾ وهنجڻ کان پوءِ سَرهائيءَ سان پنهنجا پاٽيءَ ۾ پنل پَرَ پکيڙي جهومي ۽ رقص ڪري رهيو آهي، جنهن کي ڏسي هڪ وياڪل ۽ اداس، حساس دل انسان جي من جي مونجهه لهي وڃي ٿي ۽ هُن جو روح پڻ احساساتي رنگن جي هوليءَ ۾ رڱجي

وجي ٿو.

دوهي ۾ ڪنهن وڏي فڪر ۽ فلسفي جي اُپٽار بدران هڪ احساس، هڪ منظر ۽ هڪ ڪيفيت آهي، ۽ اُها لمحاتي ڪيفيت، ماڻهوءَ جي سمورن ڏکن، دردن، پيڙائن، اَهنجن، اَذيتن ۽ اضطرابن کي هڪ ساعت ۾ مِٽائي، اُن جي من کي باغ و بهار ڪري ڇڏي ٿي، اُها سچي ڪرشماتي قوت اياز جي قلم جي آهي، جنهن پنهنجي شاعريءَ جي لفظن ۾ ساھ وجهي، اُنهن ۾ جذبن ۽ احساسن جا رنگ ڀريا آهن.

ٻئي دوهي ۾ هڪ ٻيو منظر آهي، اُجڙيل، اُداس ۽ خزان زده وڻن جو. اُهي وڻ، جن جون ٽاريون ڪالهه سائي ۽ سُندر پَنن سان جنجهيل هُيون ۽ اُهي ڪنهن حسين لباس وانگر سندن بدن تي سونهندڙ ٿي لڳيون، پر اڄ سندن سڄو وجود ننگو آهي، پَنن جو اهو حسين لباس، پَٽَ تي ليڙون ليڙون ٿيل ڪپڙن وانگر وِکريو پيو آهي ۽ هوا جي دوش تي اُڏامندي، اُنهن مان ڪُنل ڪونج جي دانهن جهڙو درد پڙاڏو بڻجي، پوري فضا کي سوڳوار بڻائي ڇڏي ٿو، ۽ اياز اُن سَمي، اُنهن اُجڙيل وڻن مان هر هڪ سان پاڪي پائي، سندن سور ـ پائي ٿي، ڏک سور اوري، اُنهن جي درد کي هڪ پاءُ وانگر محسوس ڪري، خود به جهِجي ۽ جُهري پوي ٿو.

اياز مٿين ٻنهي دوهن ۾، نه صرف ڪمال جي تجسيم نگاري ڪئي آهي، پر لفظن ۾ ڪيفيتن ۽ احساساتي فڪر جو روح پڻ ڀري ڇڏيو آهي ۽ اُها ئي هڪ سگهاري سِرجڻهار جي خوبي هوندي آهي ته، هُو لفظن کي نه رڳو معنائون ۽ مفهوم عطا ڪندو آهي، پر هڪ سنگتراش وانگر اُنهن کي تراشي خراشي، اُنهن مان زندهه مورتين کي جنم پڻ ڏئي سگهندو آهي ۽ اياز عام طرح پنهنجي سموري شاعري، خاص طرح پنهنجن دوهن ۾ اهو ڪمال ڪري ڏيکاريو آهي.

شيخ اياز پنهنجن دوهن ۾، نئين فڪر سان گڏ ڪيئي نوان موضوع پڻ ڪٽي آيو آهي. هُن جي دوهن ۾ 'رومانس، فطرت، تصوف، تاريخ، فلسفو، نفسيات، جماليات، مزاحمت، انقلاب، حب الوطني، حاصلات، لاحاصل، درد، خوشي، موهه، ملاقات، فراق، قوڙائي، آس، نراس، اُنس ۽ انسان دوستي کان وٺي، ترقي پسندي، روشن خيالي ۽ اَمنِ عالمَ' تائين سمورا موضوع پنهنجي تخليقي تازگي ۽ فڪري تاثريت سان موجود ملن ٿا. هيٺ اياز جي شاعريءَ جي انهن مختلف موضوعاتي رنگن





۽ فڪري رعنائين تي طائرانه نگاھ وجهون ٿا.

**اياز جي دوهن ۾ محبت ۽ جماليات جا رنگ:**

شيخ اياز جو وجود سراپا محبت جي مِٽيءَ مان ڳوهيل آهي، اُنهيءَ ڪري سندس سموري شاعري پيار جي واسنا سان واسيل، موهه ۽ محبت جي سُڳنڌ سان مَهڪيل آهي. عشق هُن جي شاعريءَ جو اهڙو سگهارو محرڪ آهي، جنهن سندس شاعريءَ ۾ سمورا تخليقي رنگ نِکاريا آهن.

اياز جي رومانس جو رنگ ۽ ڍنگ پنهنجو آهي. هُو محبت جي اظهار ۾ جذبن جي وَهڪري ۾ وَهي ۽ لُڙهي نه ٿو وڃي، پر پيار ۽ محبت جي احساسن کي تخليقي ۽ جمالياتي انداز سان اظهاري ٿو. هُن جا رومانوي رَويا، جذبا ۽ احساس پڻ پنهنجي تهذيب، تمدن، ثقافت ۽ سماجي قدرن سان سلهاڙيل آهن، اُنهن ۾ سَڪٽي ۽ اُڀري اظهار بدران جمالياتي حُسناڪي آهي.

هُو پريت بنا ٻي ريت ڄاڻي ئي ڪونه ٿو. هُو سدائين محبتن جو ائين متلاشي رهيو آهي، جيئن بَن برسات جو ڳولائو هوندو آهي. هُو موهه جي مَڌ مان اَڻ مَئيو پيئڻ کان پوءِ به هميشه اُڃايل ۽ تاسارو رهيو آهي. محبت جا اسرار ۽ پيار جون يادون ئي هُن جو اَملهه سرمايو آهن، اُن ڪري ئي چوي ٿو ته:

رُت بدلي آ، رات پني آ، پريت ڪيو ڪجهه پريت!
نانهه رُسڻ جي ريت روا اڄ، نانهه رُسڻ جي ريت.

***

آهي تنهنجيءَ ياد جي، ائين گذريءَ ۾ گونج،
اَکيري مان جيئن وڃي، اُڏري ڪائي ڪونج.

***

نيڻ مان جو نئن ڇُلي، ڪک پن تي ويا رنجَ،
نڪتيون تنهنجون ڳالهڙيون، جئن پاڻيءَ تي هنجَ.

***

چوڏينهنءَ جي چاندوڪي آهي، پرين به آهي پاس،

تو کي ڇا ٿيو آ منهنجا من، تون ڇو آنهن اداس!

***

توکي مَنُ اِئن ڳولي، جئن ڪو بن ڳولي برسات،
تن ۾ تنهنجي تات سدائين، تن ۾ تنهنجي تات.[٦]

اياز جي مشاهداتي نگاهہ پڻ نرالي ۽ جمالياتي احساس شاعراڻو ۽ انتهائي جاذب آهي. هُن جي مشاهداتي تجربي ۽ اظهار ۾ لذت پرستي نہ، پر حُسن شناسي ۽ حُسن پسندي جهلڪي ٿي. اياز جي هيٺين دوهن ۾ 'گهگهريءَ تي گهاگهر جو ڇُلڪڻ، وينگس جو چال ڏيڻ، انگ انگ جو گهاگهر جي پاٽيءَ جيان ڇُلڪي پوڻ، رڻ ۾ زلفن جي ڇانو ۽ پاکرن جي پناهہ جو ملڻ، ڪجور مٿان جرڪندڙ چنڊ ۾ پرينءَ جي سُندرتا پَسڻ، مانوس خوشبوءِ سان سارو وجود واسجي وڃڻ ۽ وک وک ڪٽڻ سان رابيلن جي ڦٽي پوڻ ۽ ٽور ٽور تي پکين جي گيتن آلاپڻ جا احساس' ڪيڏو نہ حسين ۽ موهيندڙ مانداڻ پيش ڪن ٿا.

گهگهريءَ تي جو گهاگهر ڇُلڪي، ڇوريءَ ماريو ڇالُ،
آڏيءَ اَک سان ڏسي وَتو ڪنهن، انگ انگ جو حالُ.

***

مون ڇيو، 'ريتيءَ ۾ رُلندي جي ملندم ڇانوَ تہ ڪيئن!'
وار ڇڏيائين پنهنجا چوڙي، ڇِڪي چيائين، 'هيئن'.[٧]

***

تو ۾ هيءَ ڪٿان آئي آ، ڦُل - پَٽيءَ خوشبوءِ،
مان تہ ٻي ناريءَ ۾ هيڙي، ناهہ ڏٺي هئن رُوءِ!

***

تون جو ويڙهي اچٽي آهين، تَڪيان پيو مان پيرَ،
هُو جو چنڊُ ڪجورِ مٿان آ، اُها لڳي ٿي ڪيرَ؟

***

هو جُوهيءَ جي مَهڪ جيان، مون پرسان گذري ويئي،
مان تہ ڳولي پاڻ وڃايو، مون کي سُڌ نہ پيئي.

***





حيرت آهي جي ٿهلين ٿي، ڇو نہ ڦُٽي رابيل پَوَنِ ٿا،
ڇو نہ پکيئڙا ڦيرا ڏيئي، توتي ڪيئي گيت چَوَنِ ٿا!.[٨]

## اياز جي دوهن ۾ مزاحمت، انقلاب ۽ حب الوطني جا احساسَ

"اياز جديد سنڌ جو هڪ اهڙو ڀرپور، بي مثال، گهرو ۽ گهڻ طرفو شاعر آهي، جنهن کي اسان نہ فقط سنڌ جي شاعر جي حيثيت ۾، پر پوري ننڍي کنڊ جي نمائنده عالمي شاعر طور آسانيءَ سان پيش ڪري سگهون ٿا. فني گهاڙيٽن ۽ موضوعن ۾ جيتري وسعت، گوناگوني، همہ گيري ۽ فنڪارانہ ڪمال، اياز جي ڪلام ۾ ملي ٿو، ايترو جديد دور ۾ ننڍي کنڊ جي شاعرن مان ورلي ڪنهن شاعر ۾ ملندو. اياز هڪ اهڙو شاعر آهي، جنهن وٽ همعصر عالمي شعور، تاريخي ۽ سماجي حالتن جي فلسفيانہ گهرائي، گهڻ نظرياتي سوجهہ ٻوجهہ، لوڪ، ڪلاسيڪل، جدت ۽ شاندار روايتن جو تخليقي امتزاج، فني تجربن جا بي مثال نمونا، نئين ڪان نوان شعري ڪارب ئي نہ، بلڪ فطرت پسندي، سماجي حقيقت نگاري، رومانيت ۽ ٻين ڪيترين ويچار ڌارائن ۽ فڪري تحريڪن جا متس ڇِٽا ۽ واضح اَثر ملن ٿا."[٩]

شيخ اياز جي شاعريءَ جي اثر انگيزيءَ جو هڪ وڏو سبب اُهو بہ آهي تہ، اُها محبت جي حُسناڪي، مزاحمت جي جرئت، انقلاب جي صدا ۽ حب الوطنيءَ جي عشق ۽ احساس سان سرشار آهي اُنهيءَ ڪري اُها ماڻهن ۾ ولولو ۽ جوش پيدا ڪري، اُنهن کي ٽَڪر سان ٽَڪرائڻ جو حوصلو ۽ همت بہ ڏئي ٿي تہ، محبت جي راهن ۽ ٻانهن ۾، ميڻ جيان ڦُڙو ڦُڙو ٿي رِجڻ ۽ رَچڻ جو روح بہ پيدا ڪري ٿي.

اياز جا دوها دل ۽ ڌرتيءَ جي اهڙي دانهن آهن، جن ۾ هڪ ئي وقت درد ۽ دلڪشيءَ جا عڪس ۽ احساسَ پنهنجي پوري جمالياتي جوت ۽ جدت سان موجود ملن ٿا، اُهو ئي سبب آهي، جو خود اياز پنهنجي هڪ خط ۾ لکي ٿو تہ: "دوهي ۾ هِن براعظم جي قديم تهذيب جون ساريون رعنايون موجود آهن ۽ اُن ۾ جا موسيقي آهي، سا هند و پاڪ جي ٻيءَ شاعريءَ ۾ شايد ملي. دوهي ۽ بيت کي سنڌي شاعريءَ ۾ پنهنجي مخصوص جاءِ ڏئي، اسين سنڌي شاعريءَ ۾، نئين زندگي پيدا ڪري سگهنداسين."[١٠]

بلاشبہ اياز دوهي کي جديد سنڌي شاعريءَ ۾ جاءِ ڏني، سنڌي شاعريءَ ۾ نہ رڳو نئين جان پيدا ڪئي آهي، پر دوهي ۾ پڻ نئين جوت، جدت ۽ نج نبار زندگيءَ جو روح اوتيو آهي. دوهي جي صنف جو مزاج، گُل جي پنکڙين وانگر نفيس ۽ نازڪ آهي، جيڪو نرم ڇُهاءُ ئي مشڪل سان برداشت ڪري سگهندو آهي، پر حيرت جي ڳالهہ اُها آهي تہ، اياز پنهنجي ڪمال ڏات سان اُن ۾، نہ فقط مزاحمت ۽ انقلاب جا پاري ۽ پڙڪيدار موضوع ڪٽي آيو آهي، پر اُن ۾ دوهي جي روايتي دلڪشي ۽ تازگي ڀريو ترنم پڻ برقرار رکي سگهيو آهي.

اياز جي دوهن ۾، ڪٿي مڌ جي خمارن جي مستي ۽ ريٽي رنگن جي رنگيني آهي تہ، ڪٿي انقلاب ۽ آزاديءَ لاءِ جهيڙيندڙ جهونجهارن جا ويرين مٿان تلوارن جا وار آهن، ڪٿي جياپي جي جستجو آهي تہ، ڪٿي مزاحمت جون للڪارون آهن، پر اُن باوجود اياز جي پيشڪش جو انداز اهڙو فنڪاراڻو آهي، جو اُهي اُڪتاهڻ بدران اُتساهيندڙ ۽ حُسناڪ ٿا لڳن.

جيئنداسين تہ ائين ئي رهندو سُندرتا جو سَنگُ،
پنهنجي مُنهن تان مور نہ لهندو، مڌُ جو ريٽو رنگ.

***

گهَڙي گهَڙي گلدان، اُنهيءَ ۾ رنگ برنگي ٻاپَ،
پَونر پَونر ٿي اُڏريا، جن مان اڄ منهنجا آلاپَ..(۱۱)

***

منهنجي سنڌڙي، منهنجي سنڌڙي، سنڌڙي، منهنجي ماءُ،
ڪيئن ميان مان، تنهنجي ڪُک مان سِڪَ ڇڏي وئي ساءُ..(۱۲)

***

سنڌي آ سَوَ رنگ، اُنهيءَ کي سئربين جئن ڏِسُ!
آهہ تقدس پنهنجي ٻوليءَ، اُها دين جئن ڏِسُ!.(۱۳)

مٿين دوهن ۾، توڙي جو موضوع ڳَرا ۽ جذبن ۾ ولولو ۽ جوش پيدا ڪرائيندڙ آهن، پر پوءِ بہ اُنهن ۾ اجائي نعري بازي وارو هُل ۽ هنگامو ناهي، فڪر ۽ سُرت سان لبريز هڪ آواز ۽ صدا آهي، جيڪا نہ صرف نااانصافي خلاف نشانبر ٿي





بيهڻ ۽ جهيڙڻ لاءِ انسان کي آماده ڪري ٿي، پر پنهنجي وطن ۽ ٻوليءَ کي دين ڌرم جيان عزيز سمجهڻ جي آشنائي پڻ عطا ڪري ٿي.

**اياز جي دوهن ۾ تاريخي، سياسي ۽ سماجي فڪر جا پهلو:**

شيخ اياز، دوهي ۾ نہ رڳو موضوعن جو هڪ وڏو ۽ جاندار جهان ساڻ ڪٽي آيو آهي، پر فني طرح هن اُن ۾ انيڪ تخليقي تجربا ڪري، دوهي ۾ ڪمال جي نُدرت ۽ دلڪشي پيدا ڪئي آهي. ڪلاسيڪل دوهو گهڻو ڪري تصوف جي گيڙوءَ رتي رنگن ۾ رڱيل آهي، اُن ۾ ٻين ڪجهہ داخلي ڪيفيتن جي اُپٽار سان گڏوگڏ خارجي حقيقتون ۽ فطرت جون حُسناڪيون پڻ نظر اچن ٿيون، پر اياز دوهي ۾ ايتري موضوعاتي ڪُشادگي ۽ فڪري گهرائي پيدا ڪئي آهي، جو سندس دوهن ۾ دنيا ۽ دل ٻنهي جو عڪس ۽ نقش چِٽو نظر اچي ٿو. جديد سنڌي شاعريءَ ۾، اياز جي دوهي جي صنف ۾ طبع آزمائي نہ رڳو دوهي کي گهڻ رُخي رنگ ۽ ترنگ عطا ڪيا آهن، پر اياز جو اهو عمل سچ تہ، خود جديد سنڌي شاعريءَ لاءِ ڀاڳ سُڀاڳ سمان آهي.

اياز پنهنجن دوهن ۾ جتي احساساتي ڪيفيتن، فطري مظهرن، ثقافتي ٺاٽن، تهذيبي روايتن، تاريخي سچائين، سياسي حقيقتن ۽ سماجي صداقتن جي اُپٽار ڪندي، نج نبار ۽ نرمل ٻوليءَ جو سيبائتو ۽ سونهندڙ استعمال ڪيو آهي، اُتي هُن اُنهن ۾ موضوعي وسعت، فني نُدرت ۽ فڪري حُسناڪي پيدا ڪرڻ جي ڀرپور ڪوشش ڪئي آهي، جنهن ۾ هُو گهڻي حد تائين سوڀارو رهيو آهي.

اياز لاءِ ڪو بہ موضوع اوپرو ۽ اجنبي نہ آهي. هُو سياست جي المين توڙي سماج جي ڪُهنہ ناسورن کي پنهنجن دوهن ۾ ساڳي ڀرپوريت ۽ تاثريت سان پيش ڪري ٿو. هُن جي دوهن جو مطالعو ڪندي، تاريخ جا الميہ ۽ سماج جا درد اکين اڳيان اُڀري اچن ٿا ۽ پُراڻا چاڪ چِڪي پون ٿا.

اڄ تائين مون ياد اچي ٿو، ڇو نارائڻ شيام؟
ڪِن جي لاءِ سَنوسين ڪيڏو، آخر ڇا انجام؟

***

اکين اڳيان ڇو هي هر هر ٿو، منهنجي ڏيکُ اچي،

دونهون دونهون ديسُ اُنهيءَ ۾، ڪاليءَ - ناچ نچي.

***

هي ڪوڙا نعري باز اَٿِي، جي ڪُٽڪن تا سي قاز اَٿِي!
پل تن جا چنبا تيز هجن، تون سمجهہ نہ اِئن ڪي باز اَٿِي!

***

هي کهڙي ڳجهہَ اُڏامي ٿي، جنهن سنڌ سموري تاڙي آ،
هڪ پاسي دودو دفنايل، ٻي پاسي روپا ماڙي آ!

***

ايوب خان سان ٽَڪر، قيدي پُٽو، ساهيوال،
ايئن اچي ٿو ياد، ٿيو هو سڀ ڪجهہ پَرُ سال.

***

ڪوئي نہ رهيو هن ڌرتيءَ تي، دارا نہ سڪندر باقي آ،
ڇا اهڙو ڪوئي آ جنهن وٽ، موت نہ ٿيو اوطاقي آ؟.[١٤]

اياز جي دوهن ۾ حقيقت نگاريءَ جو حُسن بہ آهي تہ تاريخي شعور، سياسي ۽ سماجي سُرت جي عڪاسي بہ. هُو ڄاڻي ٿو تہ جابر جي چوٽي چار ڏيهاڙا هوندي آهي. ڏک ۽ سُک، زندگيءَ جو حصو آهن. وقت سدائين هڪ جهڙو نہ رهندو آهي. بَدي ۽ بُرائيءَ جو اَنت بُرو ئي ٿيندو آهي. اَمرتا ۽ آجپو فقط سچ کي آهي.

اياز جستجو ۽ جدوجهد ۾ يقين رکندڙ سِرجڻهار آهي، اُنهيءَ ڪري اُميد ۽ آشا، هُن جو وڏو وشواس آهن. هُن ڪي 'پوڏيسر جي پونءَ' تي رنگن ۽ رونقن جي وَرڻ ۽ 'ويرا واهہ' جي وري آباد ٿيڻ جي پوري پَڪ اُنهيءَ ڪري بہ آهي، جو تہ رات ڪيڏي بہ اَنڌاري ۽ سياهہ هجي، پر سج اُن جو اَنت اَوس آڻيندو آهي، تڏهن ئي تہ هُو ايڏي اعتماد سان چوي ٿو:

'ويرا واههُ' وري وَسڻو آ، اي پوڏيسر - پُون،
ٿوري دير تہ پوندي ليڪن، هانءُ نہ هارج تون!

***

هي جهيڙا جهتا صديءَ جا، ٿي ويندا ڪاغذ رَديءَ جا،
سڀ پوندا تنهنجي ڳِتَ ڳچيءَ، جيڪي بہ تصور بَديءَ جا.





***

رات ٿئي ٿي ديپ هزارين، ڏينهن ٿئي هڪ ديپ،
پيٽ ڪجي سيني کان بهتر، جوت ڏئي هڪ ديپ.[١٥]

شيخ اياز جو اهو پڪو ويساهہ آهي تہ، رات ڪيتري بہ انڌاري هجي، ظالم ۽ استبدادي ڪيترو بہ سگهارو هجي، پر آخر جيت حق ۽ سچ جي ٿيڻي آهي. سج اُڀرڻو آهي، اُجالو ٿيڻو آهي، ۽ انهيءَ 'سچ ۽ اُجالي' جا تِرورا اياز جي سموري شاعريءَ ۾ ملڻ سان گڏ سندس دوهن ۾ پڻ دلڪش انداز سان نظر اچن ٿا.

**اياز جي دوهن ۾ تصوف، فلسفي ۽ نفسياتي احساسن جون ڪيفيتون**

شيخ اياز جي دوهن ۾ خارجي مظهرن ۽ انسان جي داخلي ڪيفيتن جي اُور ۽ اُپٽار سان گڏوگڏ اُنهن ۾ تصوف، نفسيات ۽ فلسفي جا موضوع پڻ پنهنجي پوري سُرت ۽ سُندرتا سان بحث هيٺ اچن ٿا. خدا جي اسرارن ۽ زندگيءَ جي فلسفياڻي پهلوئن تي غور ۽ فڪر کان علاوه اياز جي دوهن ۾ موت جي معروضي ۽ نفسياتي نقطن تي، جنهن باريڪ بينيءَ ۽ گهرائيءَ سان هُن پنهنجن تصورن، مطالعي ۽ احساسن جو اظهار ڪيو آهي، اُهو هر لحاظ کان متوجهہ ۽ متاثر ڪندڙ آهي.

هُن جا خدا ۽ زندگيءَ بابت مختلف دورن ۾ مختلف ويچار رهيا آهن، پر سندس مجموعي تصور صوفياڻو ۽ وحدت الوجودي آهي، جيڪو سندس پهرين شعري مجموعي، 'پونر پري آڪاش' کان وٺي 'سانجهي سمنڊ سپون' تائين جي مختلف شعري صنفن ۾ چڱيءَ ريت پَسي سگهجي ٿو. اهو ساڳيو رنگ ۽ روح سندس دوهن ۾ پڻ چِٽيءَ طرح نظر اچي ٿو.

ويجهو آهين، وس ۾ ناهين، پري نہ آهين پاڻان،
رنگ رنگ ۾، روپ روپ ۾، توکي آءٌ سُڃاڻان.

***

ڪَهي ڪَتين تان آئين سائين! پهتين منهنجي ديس،
ڏس تہ سهين کهڙو سونهين ٿو، توکي منهنجو ويس.

***

تون ئي منهنجي ننڊ آن، تون ئي منهنجي جاڳ،
مان آهيان تنهنجي ڇِيي، تون آن منهنجي آڳ.

***

تون ئي منهنجو راز آن، تون ئي منهنجو ساز،
آهي تنهنجيءَ تار جو، منهنجو من آواز.

***

ساري جڳ تي تون وَسين، جيئن ساوڻ جو مينهن،
منهنجي من جي بوند جو، آهي توسان نينهن.[١٦]

ساڳيءَ ريت موت جي حقيقت ۽ اُن جي نفسياتي ڊپ، وهمن ۽ گمانن جي حوالي سان اياز جي شاعريءَ ۾، گهڻ رخي ويچار ملن ٿا. هُو موت جي فلسفي بابت وجودي ڏاهن جان پال سارتر (Jean-Paul Sartre)، سورين ڪرڪيگارڊ (Soren Kierkegaard) ۽ مارٽن هيڊگر (Martin Heidegger ) جي خيالن کان به واقف آهي ته، سگمنڊ فرائڊ ( Sigmund Freud) ۽ ڪارل يونگ (Carl Jung) جي فڪر ۽ فلسفي جي به ڪيس سُڃاڻ آهي. هُو ايپيڪيورس (Epicurus) جي مسرت پسنديءَ (Hedonism) ۽ فريڊرڪ نٽشي ( Friedrich Nietzscheجي (Nihilism) کان به آشنا آهي ته، مابعد الطبعياتي فلسفين آرٿر شوپنهار ( Arthur Schopenhauer)، اسپنوزا (Spinoza) ۽ رابندرناٿ ٽئگور ( Rabindranath Tagore ) جي سوچ ۽ سُرت جي به ڪيس چڱي آگاهي آهي، اُهو ئي سبب آهي، جو سندس شاعريءَ ۾ اُنهن مڙني جي ويچارن جي سُڳنڌ ملي ٿي، پر هُو اُنهن اثرن باوجود موت جي صداقت تي، نه رڳو انفرادي ۽ احساساتي طرح گهرائيءَ سان سوچي ۽ ويچاري ٿو، پر پنهنجو نقط نظر پنهنجن دوهن ۾ پڻ هِن ريت پيش ڪري ٿو:

موت ته آهي ننڊ جيان، ها، جاڳڻ آهي جنڊ،
جيءُ سڄي سنسار سان پنهنجو، واڳڻ آهي جنڊ.

***

آهي هاٿي پوري تي وئي، هِي جا وَت ڏِيئي،
ڪيسين پڙڪا ڏيندي آخر، ڪيسين نيٺ جِيئي؟[١٧]

***





ڪيڏانهن وڃي ٿي وڻجارا! هيءَ واٽ ڪٿي تون ڄاڻين ٿو؟
ڇا لاءِ ڪِلي ٿو گُل ۽ روئي ماٺَ، ڪٿي تون ڄاڻين ٿو![١٨]

اياز موت کي مفروضو نه ٿو سمجهي، پر زندگيءَ وانگر هڪ سچائي قبول ڪري ٿو، جنهن کي پڻ جيون جيان وقعت ۽ حيثيت آهي. هُو موت کي زندگيءَ سان سلهاڙيل ۽ سنجوڳي تصور ڪري ٿو. موت توڙي جو هُن لاءِ به معمو آهي ۽ اُن جا مٿس انيڪ نفسياتي اثر به نمايان محسوس ٿين ٿا، پر پوءِ به احساساتي ۽ فڪري طرح هُو موت کي پٽائيءَ وانگر اهڙي تخليقي ۽ رومانوي رنگ ۾ ’پوئٽريٽ‘ ڪري ٿو، جو سندس شاعريءَ ۾ موت جو تصور خوفائتو ۽ دهشت ناڪ نه ٿو لڳي، پر رومانوي ۽ فطري ڀاسي ٿو.

**اياز جي دوهن ۾ ترقي پسندي، روشن خيالي ۽ انسان دوستيءَ جا رُجحان**

شيخ اياز جا دوها تفڪر، تصور، تخيل، ترنم ۽ خيال جي تازگيءَ جو حسين امتزاج آهن. اياز دوهي کي موضوعاتي تازگي بخشي، نه رڳو اُن جي مزاج کي تبديل ڪيو آهي، پر اُن جي داخلي ماحول، ترنم، ٻولي، احساس، محاڪات، موضوعن ۽ مجموعي آهنگ کي بدلائي، هڪ نئين رنگ ۽ حُسناڪيءَ سان پيش ڪيو آهي، جيڪو سندس وڏو ڪارنامو ۽ ڪمال آهي. اياز جي دوهي ۾، روايتي دوهي جي ڪجهه رنگن کان علاوه سمورو ماحول، موضوعي مانداڻ، فني سٽاءَ ۽ فڪري حسناڪيون انفرادي ۽ پنهنجون آهن. روايتي دوهي جو نه فقط موضوع ۽ لسانياتي لب و لهجو مخصوص ۽ محدود هو، پر اسلوب ۽ آهنگ به انفرادي نوع جو هو، جنهن ۾ اياز انيڪ فني، فڪري ۽ تخليقي تبديليون آڻي، اُن کي نئون روپ ۽ روح عطا ڪيو آهي. اياز دوهي جي روايتي قالب ۾، نه رڳو پنهنجن ڳوڙهن سان ڳوهيل مِٽي وجهي، احساس جون نراليون مورتيون تخليق ڪيون آهن، پر انهن ۾ پنهنجن جذبن ۽ احساسن جو روح ڦوڪي، پنهنجي ديس ۽ ديس واسين جي دردن ۽ سورن جون صدائون به سمايون آهن.

”اياز، سياسي، سماجي ۽ فلسفياڻن موضوعن تي دوهي جو ڪلچر ۽ مزاج قائم رکيو آهي. سندس دوها، ڪهڙي به موضوع تي ڇو نه هجن، پر اُهي مقامي ڪلچر، تهذيب ۽ مقامي ماحول سان ڳانڍاپو رکن ٿا ۽ اُنهن ۾ پنهنجي سماج جا مسئلا، مونجهارا، پريشانيون، حادثا، واقعا، غربت، بک، ۽ ڏک جهڙا موضوع خاص اهميت رکن ٿا.“[١٩]

بُک تي نڪتي باک ۽ ڏک ۾ گذريو ڏينهن
ڇڏ هي سُک جون ڳالهڙيون، پنهنجو کهڙو نينهن!

***

سانوري سانوري صورت هُن جي، سُهڻو هُن جو ساهه،
هاءِ، هُيو پر بُکَ جو هُن جي اکڙين ۾ اوڙاهه!

***

نه ڪي هوا ۾ هيج اُني جي، نه ڪا گهٽا گهنگهور،
پيو پُڪاري، تر ڪي ڏاري، ڪٿي ڪٿي ڪو مور.

***

وڏي ڇڏي ڪنهن نِڙي نَڙي جي، گهُٽجي ويا آواز،
ساٽا ۽ ويڳاٽا تي پيا، سُڏڪي سُڏڪي ساز.(٢٠)

اياز پنهنجي ڌرتيءَ جي فطري حُسن ۽ جمال کي پَسي، مَهڪي ۽ ٻهڪي پوي ٿو، پر استحصالي ۽ پرمار طبقي پاران ڏيهه ۾ پيدا ڪيل بُک ۽ بدحالي، ظلم ۽ زيادتي، بي چيني ۽ نااانصافي، ماڻهن جي بيوسي ۽ مجبورين کي ڏسي، سندس اندر جُهري ۽ جِهجي پوي ٿو. سانوري ۽ موهيندڙ صورتن، جن جي نيڻن ۾ بُک ۽ بدحاليءَ جو اُوڙاهه پڙڪي رهيو آهي، مور جي پُر درد صدائن، جيڪي صحرائن کي به سوڳوار بڻائي ڇڏن ٿيون ۽ پنهنجي وطن، جنهن جو صبح سورن سان گڏ اُڀري ۽ ڏينهن ڏکن ۾ گذري ٿو، جڏهن اياز اُنهن حالتن جو مشاهدو ڪري ۽ ماڻهن جي دردن جي دوزخ کي محسوس ڪري ٿو، تڏهن نه رڳو ذاتي ۽ انفرادي سُک، موهه ۽ محبت جون ڳالهيون کيس زهر ٿيون لڳن، پر سيني ۾ موجود گيت، ڪُنل ڪونج جي صدا وانگر سندس ڳلي ۾ تڙپڻ لڳن ٿا.

شيخ اياز زندگيءَ ۽ سماجي صداقتن جو شاعر آهي. هُن وٽ جيون ۽ اُن جي جياپي جو فڪر ۽ فلسفو تخيلي ۽ تصوراتي نه آهي، پر عملي ۽ احساساتي آهي. هُو هِن سنسار کي ئي سڀ ڪجهه سمجهي ٿو، اُن جون رونقون ۽ راحتون کيس موهن به ٿيون ته متاثر به ڪن ٿيون. اڳتي کي 'اَنڌڪار' ڪوٺڻ سان گڏوگڏ هُو هِن سنسار کي ئي امن ۽ محبت جو مَسڪن بڻائڻ جي ڳالهه ڪري ٿو.

سندس خيال موجب، هِن ڌرتيءَ کي ئي انسان پنهنجي عمل ۽ ڪردار سان 'بهشت'





بڻائي سگهي ٿو. اُن لاءِ ضرورت رڳو اُن ڳالهه جي آهي ته انسان فقط 'جيئو ۽ جيئڻ ڏيو' جي اصول تي عمل ڪري ڪنهن کي ڏڪائڻ، ڪنهن جي حق تلفي ڪرڻ ۽ ڪنهن جو خون وَهائڻ بدران هِن ڌرتيءَ تي وَهايل رَتُ کي ڌوئڻ ۽ من کي پکين وانگر معصوم بڻائڻ سان، هيءَ مِٽي وري اَمن ۽ آشتيءَ جي سُڳنڌ سان مَهڪي سگهي ٿي. ماڻهو جيڪڏهن ڌرتيءَ تي موجود هر جيوَ تي ڪَهل ڪري، اُن کي آزاديءَ سان زنده رهڻ جو حَق ڏئي ته، هيءَ دنيا 'جنت' بڻجي سگهي ٿي ۽ اُهي احساس اياز پنهنجن دوهن ۾ ڀرپور نموني سان اظهاريا آهن.

ڪجهه به نه هوندي سڀ ڪجهه آهي، سرتيون هي سنسار،
ساري جڳ مڳ جيون سان آ، اڳتي آ اَنڌڪار.(٢١)

***

ڪانياٽيءَ مان ڳوڙهو نِڪتو، پنڇي واريءَ تي،
ڪَهل جيان ڪو جذبو ناهي، ڄاڻَ نه ماريءَ ڪي.

***

الله اُنهيءَ ۾ خوش آ جي، پَرگهور لهين بيمارن جي،
ڇو هر ڪنهن کي ايذائين ٿو تون، ڳالهه نه ڪر تڪرارن جي.

***

تو پاڻ ته بدلايو ناهي، تو دنيا بدلائڻ چاهين؟
تون دنيا ڇا سمجهي سگهندين، تو پاڻ نه ڄاتو آ چاهين؟

***

ڄنگهه پيو مَنڊڪائي ڦاڙهو، ڪيڏو آ لاچارُ،
ڪامورو ڪنهن ڪُڏٽيءَ تان، تو ڪيڏي هيٺ شڪارُ.

***

ڪير سپاٽي جو سوچي ٿو، هاٽي ڏس ڇا ٽيٽو آهي،
جيڪي آهي ڪَئي جو ڪِيتو، سو هاٽي ئي ڏيٽو آهي.

***

ڌرتي ڌوئو، اُپُ به ڌوئو، هر شيءِ جنهن تي رَتُ آ ڌوئو،
اَمن چڱي شيءِ آهي يارو! ديس سڄو لت پَتُ آ ڌوئو!(٢٢)

## اياز جي دوهن ۾ ڪردار نگاري

شيخ اياز فني طور تي دوهي ۾ ڪيئي نوان تجربا ڪري، اُن کي نه رڳو نئون، نرمل ۽ تخليقي بڻايو آهي، پر موضوعاتي لحاظ سان پڻ اُن کي نيون وسعتون ۽ نُدرتون بخشي، دوهي ۾ وڏيڪ دلفريبي ۽ دلڪشي پيدا ڪئي آهي. نيون ترڪيبون، نوان استعارا، تشبيهون، تمثيلون، نئين لغت ۽ متروڪ ٿي ويل لفظن جو استعمال، پهاڪن، چوڻين، ڪيترن ئي شاعرن جي سِٽن ۽ لوڪ دانش جي نقطن کي تضمين طور ڪَتب آڻڻ کان علاوه هُن انيڪ لوڪ، ڪلاسيڪي ۽ جديد دور جي ڪردارن کي پنهنجن دوهن ۾، نه فقط نئين انداز ۽ احساس سان پيش ڪيو آهي، پر ڪيترن ئي تاريخي ماڳن، مڪانن ۽ جاين کي پنهنجن دوهن ۾ اهڙي فنائتي نموني سمايو ۽ اُنهن سان وابسته پنهنجن حسين يادن کي اظهاريو آهي، جو اُهي ماڳ ۽ مڪان هڪ نئين زاويي سان زنده ٿي پيا آهن.

تاريخ ۾ ’روهڙي، ٺٽو، مڪلي، سکر ۽ اَروڙ‘ جو نالو ۽ حوالو ته گهڻو ڪري رَتُ سان رڱيو پيو آهي. سنڌ جي سورهيَن ۽ سپوتن جي خون جي خوشبو سان اُن جو ون ۽ واس واسيو پيو آهي، پر ڌارين ۽ غاصبن جي گهوڙن جي سُنبن سان، اُن جو سينو اڄ به چڻ ته چچريل محسوس پيو ٿئي ۽ اُن جون دانهون ۽ صدائون ڪَنين پيون سُڻجن. اُنهن المين ۽ تاريخي صداقتن کي اياز پڻ پنهنجي شاعريءَ ۾ سانديو آهي، پر هُن پنهنجن دوهن کي نوَن حوالن ۽ حُسناڪين سان آراسته ڪري، اُنهن ۾ نيون معنائون ۽ مسرتون پڻ پريون آهن. سنڌس هينيان دوها نوان حوالا ۽ نوان مفهوم پيش ڪن ٿا.

هُو روهڙيءَ ۾ روح رهاڻيون، هو راتيون، هوءَ ريت،
چُپي پئي اڄ تائين مون کي، چاتيءَ ۾ ڪا چيت.

***

ٺٽي نگر جي رات اسان کان وِسري ناهي يار،
ڪيئن مڪليءَ جي ماٺ مٿان تي چنڊُ ڦِريو چوڌار!

***

گهاٽ گهاٽ تو توکي ساري، سکر نه ايندين يار!
ڪڏهن پتڻ تي پريت ڪنداسي، ڪڏهن نديءَ جي پار.[23]





”شيخ اياز وٽ موضوعاتي گهٽا گهٽيءَ سان گڏو گڏ لسانياتي جماليات جو فن به آهي. خيال جي ڳوڙهائي ۽ اُن جي اظهار جي نُدرت شيخ اياز جي شاعريءَ کي متاهون ڪري بيهاري ٿي.“[24]

اياز جي شاعريءَ جو دامن ايترو ته وسيع ۽ ڪشادو آهي، جو اُها پنهنجي وجود ۾ خود هڪ الڳ ڪائنات ٿي پاسي، جنهن ۾ نه رڳو پنهنجا تخليقي، فني، احساساتي، فڪري ۽ فلسفياڻا رنگ آهن، پر اُها سماجي، سياسي، تهذيبي ۽ ثقافتي قدرن سان پڻ مالامال آهي. اُن ۾، محبت، امن، آشتي، جستجو، آزادي، ترقي، فطرت، حُسن، قدرت، مذهب، انسانيت، مساوات، خدا، موت، مطلب ته زندگي ۽ جياپي جون سموريون حيات بخش حقيقتون ۽ حُسناڪيون موجود ملن ٿيون.

اياز جي هڪ وڏي خوبي اُها آهي ته، هُن پنهنجي وسيع مشاهدي، مطالعي، تجربن ۽ محسوسات کي نه رڳو پنهنجي شاعريءَ جو حصو بڻايو آهي، پر اُنهن کي پنهنجي ادراڪ ۽ تخليقي احساس سان سلهاڙي، انتهائي فنائتي انداز سان پيش ڪيو آهي.

هُن لوڪ ۽ ڪلاسيڪي ڪهاڻين ۽ اُنهن جي ڪردارن کي پنهنجي شاعريءَ ۾، نئين انداز، نئين احساس ۽ عصري تقاضائن موافق، نئين علامتي ۽ فڪري مفهوم سان پيش ڪيو آهي، پر اُنهيءَ سان گڏو گڏ هُو پنهنجي شاعريءَ ۾ شاعرن، اديبن، عالمن، آرٽسٽن، عارفن ۽ عاشقن جي هڪ وڏي ڪهڪشان ڪٺي آيو آهي ۽ اُنهن کي هِن جڳ سان، هُو پنهنجي نموني ۽ انداز سان متعارف ڪرائڻ جي ڪوشش ڪري ٿو. ڪيترائي ڪردار اسان جا اڳ به پُڌل سُٽيل آهن، پر جڏهن اياز پنهنجن ڪوتائن ۾ انهن جا حوالا ڏئي ۽ ڪين تعارف ڪرائي ٿو، تڏهن سچ پچ اُنهن سان فڪري ۽ احساساتي طرح وڏيڪ اُنسيت ۽ محبت پيدا ٿي پوي ٿي.

شيخ اياز پنهنجن هينين دوهن ۾، جهڙي نمونيءَ سان، ’ودياپتي، ميران، ڪاليداس، هير، رانجهي، وارث شاهه، بنسي، ڀٽائي، سچل، سامي، ادل، بُلا شاهه، ڪوي جسيم الدين، ٽئگور، ڪبير، راڌا، شيام، باجو باورا، باهو ۽ بابا فريد‘ جي ڪردارن کي پيش ڪري، انهن سان پنهنجي محبت، عقيدت ۽ اٿاهه اُنسيت جو اظهار ڪيو آهي، اهو بي مثال آهي. هِن کان اڳ انهن مَهان هستين ۽ ڪلاڪارن کي اهڙو منظوم ۽ موهيندڙ خراج ورلي ڪنهن شاعر پيش ڪيو هوندو. اوهان خود اياز جي هِينين دوهن جو مطالعو ڪري ڏسو، اوهان کي اُنهن ۾ نه فقط فڪري نواڻ ۽ نُدرت محسوس ٿيندي، پر تخاطب ۽ تخليقي حسيت جو ڪمال ۽ نرالو حُسن پڻ نظر ايندو.

رات ڏيئي جي وَٽِ ۾ جَرڪي، گذري جڳ جي جيت،
پڙهيا پئي مون روئي روئي، ’وِديا پتيءَ‘ جا گيت.

***

ماٿوءَ جي مَنوَرتي بدلي، ننهن ڪان وِڇڙيو ماس،
ڪنهن جي من ۾ ’ميران‘ ايندي، ڪنهن جو ’ڪاليداس‘.

***

ڪاٽي هير، وِساڻو رانجهو، سارو ’جهنگ‘ تباهه،
رَڪ ۾ پنهنجون ڪافيون ڳولي، ويٺو وارث شاهه.

***

من من بن آ، جنهن ۾ ناهي ڪنهن ’بنسيءَ‘ جي تانَ،
آءُ بہ ٽوڙيان وِينا، ڪيڏو ڦِري ويا انسانَ!

***

آڻ پَٽيءَ تي پنهنجون پنبٽيون، ڪه ۾ اڪڙيون ڪول،
پٽ ڏٽيءَ جي پرسان ويهي، پنهنجي ڳُجهه ڪي ڳول.

***

’پيءُ پراڻو مڏ هن مَٽ مان، اوري آءُ اَدل!‘
’هن مان ساميءَ پياس بُجهائي، پيتي سُرڪ سَچل‘.

***

ڪَوي ’جسيم الدين‘، اسان جون دليون ڪَسيون هن ديس،
چوٽي چوٽي جنهن جي چمپا، ون ون جنهن جو ويس.

***

پورنماسي ’پوري گنگا‘ ٽڏڙي ٽڏڙي واءُ،
ٽِلي پيو ٽئگور ڪنڌيءَ تي، اچي پيو پَڙلاءُ.

***

سانجهيءَ ويلي پَنڇي موٽيا، روئي ڏنو ڪَبير،
پنهنجي پنهنجي آکيريءَ سان، سپ جي آهه اُڪير.

***





مان ئي بن هان، مان ئي بنسي، مان راڌا، مان شيام،
مان جمنا جون لهريون، جن تي چنڊ ڪري آرام.[٢٥]

***

تون بہ بيجو باورا، جاڳَ منجهاران جاڳُ،
ديپڪ ۾ ئي ٿو رهي، اڳ ئي ديپڪ راڳُ.

***

مان ڪاٺيارو تون ڪَرلاهو، ٻاجهارا ڪر ٻاجهه!
جئن چوندو هو بُلهو، باهو، ٻاجهارا ڪر ٻاجهه!

***

جهڙي ڳالهه فريد ڪئي آ، اهڙي ڳالهه نہ ٻي،
’نہ ڏيک پَرائي جهوپڙي، نہ ترسا اَپنا جي‘.[٢٦]

## نتيجو:

شيخ اياز جي دوهن جو مجموعي اڀياس ڪرڻ کان پوءِ اُها سُڌ پوي ٿي تہ، جهڙيءَ ريت هُو شاعريءَ جي ٻين صنفن ۾ فڪري ۽ موضوعاتي طرح هڪ نئون جهان ۽ نيون نُدرتون ساڻ ڪٺي آيو آهي، ساڳيءَ ريت هُن پنهنجن دوهن ۾ انيڪ فني تجربن سان گڏوگڏ موضوعن جي نت نئين ۽ نرالي دنيا سمائي آهي. جيڪا نہ فقط احساساتي لحاظ کان موهيندڙ آهي، پر اُن ۾ تخيل ۽ تخليق جي ڪمال حُسناڪي پڻ موجود ملي ٿي.

## حوالا

١. شيخ اياز، ’ڪپر ٿو ڪن ڪري‘، نيو فيلڊس پبليڪشن ١٩٨٩ع، ص: ٢، ٣.

٢. نفيس احمد ناشاد، (ايڊيٽر) ’مهراڻ‘، ’شيخ اياز نمبر‘ - اياز جا ابراهيم جويي ڏانهن خَطَ، ڇاپو - ٣، سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو، ٢٠٠٥ع، ص: ٥٠.

٣. شيخ اياز، (شاعري جلد-١)، ’ڪلهي پاتم ڪينرو‘، ثقافت کاتو، حڪومت سنڌ، ٢٠٠١ع، ص: ٣١٩، ٣٢٠.

٤. شيخ اياز، (شاعري جلد-١)، ’پڙنر پري آڪاس‘، ثقافت کاتو، حڪومت سنڌ، ٢٠٠٨ع، ص: ٦١.

۵. شيخ اياز، (شاعري جلد-۱)، 'ڪلهي پاتم ڪينرو'، ثقافت کاتو، حڪومت سنڌ، ۲۰۰۱ع، ص: ۳۲۰.

۶. شيخ اياز، (شاعري جلد-۱)، 'پؤنر پري آڪاس'، ثقافت کاتو، حڪومت سنڌ، ۲۰۰۸ع، ص: ۴۷، ۴۹، ۵۱.

۷. ساڳيو، ص: ۵۱، ۶۱.

۸. شيخ اياز، (شاعري، جلد-۹)، 'سانجهي سمنڊ سپون'، ثقافت کاتو، حڪومت سنڌ، ۲۰۱۰ع، ص: ۲۳۲، ۲۳۴.

۹. سميجو، اسحاق، ڊاڪٽر، 'شيخ اياز جي شاعري'، روشني پبليڪيشن، ڪنڊيارو، ۲۰۲۰ع، ص: ۱۲.

۱۰. شيخ، اياز، (نثر-۵)، 'جي تند برابر توريان'، ثقافت کاتو، حڪومتِ سنڌ، ۲۰۱۰ع، ص:۲۵۷، ۲۵۸.

۱۱. شيخ اياز، (شاعري جلد-۱)، 'ڪلهي پاتم ڪينرو'، ثقافت کاتو، حڪومت سنڌ، ۲۰۰۱ع، ص: ۳۱۹، ۳۲۰.

۱۲. شيخ اياز، (شاعري جلد-۱)، 'پؤنر پري آڪاس'، ثقافت کاتو، حڪومت سنڌ، ۲۰۰۸ع، ص: ۵۶.

۱۳. شيخ اياز، (شاعري، جلد-۹)، 'سانجهي سمنڊ سپون'، ثقافت کاتو، حڪومت سنڌ، ۲۰۱۰ع، ص: ۲۲۴.

۱۴. ساڳيو، ص: ۱۹۳، ۲۲۲، ۲۲۳، ۲۲۴.

۱۵. ساڳيو، ص: ۲۲۲، ۲۲۴، ۲۳۵.

۱۶. شيخ اياز، (شاعري جلد-۱)، 'پؤنر پري آڪاس'، ثقافت کاتو، حڪومت سنڌ، ۲۰۰۸ع، ص: ۵۲، ۵۳.

۱۷. شيخ، اياز، (شاعري، جلد-۹)، ڪونجون ڪرڪن روهه تي'، ثقافت کاتو، حڪومت سنڌ، ۲۰۱۰ع، ص: ۳۶۷، ۳۶۹.

۱۸. شيخ اياز، (شاعري، جلد-۹)، 'سانجهي سمنڊ سپون'، ثقافت کاتو، حڪومت سنڌ، ۲۰۱۰ع، ص: ۲۲۰.

۱۹. گبول، مشتاق، (ايم. فل. ٿيسز-اڻ ڇپيل)، 'سنڌي شاعريءَ ۾ دوهي جي روايت ۽ پسمنظر'، سنڌ يونيورسٽي، ڄامشورو، ۲۰۱۹ع، ص: ۱۶۶.

۲۰. شيخ اياز، (شاعري جلد-۱)، 'پؤنر پري آڪاس'، ثقافت کاتو، حڪومت سنڌ، ۲۰۰۸ع، ص: ۴۷، ۶۱، ۵۵.

۲۱. ساڳيو، ص: ۶۵.







۲۲. شيخ اياز، (شاعري، جلد-۹)، 'سانجهي سمنڊ سپون'، ثقافت کاتو، حڪومت سنڌ، ۲۰۱۰ع، ص: ۱۹۵، ۱۹۶، ۱۹۷، ۲۱۷، ۲۲۳.

۲۳. شيخ اياز، (شاعري جلد-۱)، 'پؤنر پري آڪاس'، ثقافت کاتو، حڪومت سنڌ، ۲۰۰۸ع، ص: ۴۹.

۲۴. جنجهي، نور احمد، 'جاڳ جا پاڳ آهيون پرين'، ڪنول پبليڪيشن، قنبر، ۲۰۱۹ع، ص: ۱۴.

۲۵. شيخ اياز، (شاعري جلد-۱)، 'پؤنر پري آڪاس'، ثقافت کاتو، حڪومت سنڌ، ۲۰۰۸ع، ص: ۵۴، ۵۷، ۵۸، ۵۹، ۶۰، ۶۴.

۲۶. شيخ، اياز، (شاعري، جلد-۹)، ڪونجون ڪرڪن روهه تي'، ثقافت کاتو، حڪومت سنڌ، ۲۰۱۰ع، ص: ۳۶۷.